

# فيضانِ جمعه


رسول اڪرم ڪيترا جمعا ادا فرمايا؟ 3
جمعي جي ڏينهن عمامي جي فضيلت 4
رزق ۾ تنگي جو هڪ سبب 5
حج ۽ عمري جو ثواب 7
قبوليت جي ڪهڙي گهڙي آهي؟ 9
خطبي جا 7 مدني گل 23



شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَت بَرَکاتُھُمُ العَالِیہ
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# فيضانِ جُمُعہ

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**
**فون نمبر**: 021-34921389-90-91
*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضانِ جُمُعہ

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر ھي رسالو شروع کان آخر تائين پڙھي، پنھنجو ايمان تازو ڪريو.

## جُمعي جي ڏينھن درود شريف پڙھڻ جي فضيلت

نبيّن جي سلطان، رَحمتِ عالميان، محبوبِ رَحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان برڪت نشان آھي: ”جنھن مون تي جُمعي جي ڏينھن بہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙھيو، ان جي ٻن سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا.“ (جمع الجوامع للسيوطي ج 7 ص 199 حديث 22353)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ڪيترا خوشنصيب آھيون جو الله تَبَارَکَ وَ تَعَالٰی پنھنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صدقي اسان کي جُمعةُ المبارڪ جي نِعمت سان نوازيو. افسوس! اسان بي قدرا جُمعي شريف کي بہ عام ڏينھن وانگر غفلت ۾ گذاري ڇڏيندا آھيون حالانڪ جُمعو عيد جو ڏينھن آھي، جُمعو سيني ڏينھن جو سردار آھي، جُمعي جي ڏينھن جھنّم جي باھ ناھي ٻاري ويندي، جُمعي جي رات دوزخ جا دروازا ناھن کلندا، جُمعي کي قِيامت جي ڏينھن ڪنوار وانگر اٿاريو ويندو، جُمعي جي ڏينھن مرڻ وارو خوش نصيب مسلمان شھيد جو رُتبو ماڻيندو آھي ۽ قبر جي عذاب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

ڪان محفوظ رهندو آهي. مُفَسّر شَهير حڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان جي فرمان مطابق "جُمعي جو حَجّ ٿئي تہ ان جو ثواب ستر حَجن جي برابر آهي، جُمعي جي هڪ نيڪي جو ثواب 70 ڀيرا آهي." (جمعة المبارڪ جي وڏي فضيلت آهي ان ڪري) جمعي جي ڏينهن گناهہ جو عذاب 70 ڀيرا وڌيڪ آهي. (ملخصاً مراٰة ج 2 ص 323، 325، 326)

جُمعةُ المُبارَڪ جي فضيلتن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، الله عَزَّوَجَلَّ جُمُعةُ المُبارَڪ جي باري ۾ هڪ پوري سورت سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ نازل فرمائي آهي جيڪا قرآن ڪريم جي 28 ويهين سيپاري ۾ آهي. الله تَبَارَكَ وَ تَعَالٰي سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ جي آيت نمبر 9 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الْبَيْعَ ۭ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! جڏهن نماز جي اَذان ٿئي جمعي جي ڏينهن تہ الله جي ياد جي واسطي ڊڪ ڀريو ۽ خريد فروخت ڇڏي ڏيو، اهو توهان جي لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو.

## آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهريون جمعو ڪڏهن ادا فرمايو؟

صَدرُ الافاضل حضرت علاّمہ مولانا سَيِّد محمد نَعِيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي فرمائن ٿا: "حُضُورِ اَڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن هجرت ڪري مديني شريف تشريف ڪٺي آيا تہ 12 ربيعُ الاَول (662ء) تي سومر جي ڏينهن چاشت جي وقت "قُباء" نالي جڳهہ تي ترسيا. سومر شريف، اڱاري، اربع ۽ خميس تي اتي ئي قيام فرمايائون ۽ مسجد جو بنياد رکيائون. جمعي جي ڏينهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

مديني شريف (ڏانهن وڃڻ) جو ارادو فرمايائون، بني سالم ابن عوف جي وادي جي وچ ۾ جُمعي جو وقت ٿيو، انهي جڳهه کي ماڻهن مسجد بڻائي، سيّد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتي جمعو ادا فرمايو ۽ خُطبو ڏنائون. (خزائن العرفان ص 884)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ! اڄ به ان جڳهه تي شاندار "مسجد جُمعہ" قائم آهي ۽ زائرين بَرڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي زيارت ڪندا آهن ۽ اتي به نفل به ادا ڪندا آهن.

## جُمُعہ جي معنيٰ

مُفَسِّر شَهيرحڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا: جيئن ته هن ڏينهن سموري مَخلُوق وجود ۾ گڏ ٿي هئي جو تَخلِيق جي تَڪمِيل هن ئي ڏينهن ٿي هئي ۽ حضرت سَيِّدنا آدم صَفِيُّ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مٽي هن ئي ڏينهن جمع ٿي هئي ۽ هن ئي ڏينهن ۾ ماڻهو گڏ ٿي جمعي جي نماز ادا ڪندا آهن انهن سببن جي ڪري ان کي جمعو چوندا آهن، اسلام کان اڳ عرب ان کي عَرُوبہ چوندا هئا. (مرأة المناجيح ج 2 ص 317)

## رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪُل ڪيترا جمعا ادا فرمايا؟

مُفَسِّر شَهيرحڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا: نبيِّ ڪريم، رؤف رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تقريبًا 500 جمعا پڙهيا آهن، انهي لاءِ جو جمعو هجرت کان پوءِ شروع ٿيو هو، جنهن کان پوءِ ڏهه سال پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري زندگي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

مبارڪ رهي ان عرصي ۾ ايترا ئي جمعا ٿين ٿا.

(مراٰة ج 2 ص 346، لمعات للشيخ عبدالحق محدّث دهلوي ج 4 ص 190 تحت الحديث 1415)

## جنهن سُستي سبب ٽي جمعا
## ڇڏيا ان جي دل تي مهر

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عن العُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: ”جيڪو شخص ٽن جمعن (جي نماز) ڪي سُستي جي سبب ڇڏي ڏيندو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان جي دل تي مهر هڻي ڇڏيندو.“ (سنن ترمذي ج 2 ص 38 حديث 500)

جُمعو فرضِ عَين آهي ۽ ان جي فرضيَّت ظهر کان وڌيڪ مُؤَڪَّد (يعني تاڪيدي) آهي ۽ ان جو انڪار ڪرڻ وارو ڪافر آهي.

(درمختار ج 3 ص 5، بهار شريعت ج 1 ص 762)

## جمعي جي ڏينهن عِمامي جي فضيلت

سرڪار مدينہ، سلطان باقرينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد رحمت بنياد آهي: ”بيشڪ **اللّٰه** تعاليٰ ۽ ان جا ملائڪ جُمعي جي ڏينهن عِمامو ٻڌڻ وارن تي دُرُود موڪليندا آهن.“

(مجمع الزوائد ج 2 ص 394 حديث 3075)

## شِفا ملندي آهي

حضرت حُمَيد بن عبدالرحمٰن رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ فرمايائون: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجا نَنهن ڪٽيندو آهي، **اللّٰه** تعاليٰ ان جي بيماري ختم ڪري شِفا ڏئي ڇڏيندو آهي. (مصنف ابن ابي شيبہ ج 2 ص 65)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

# ڏهن ڏينهن تائين مصيبتن کان حِفاظت

صَدرُ الشَّرِيعَہ، بَدرُ الطَّرِيقَہ حضرت مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ القوي فرمائن ٿا ته حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو جُمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽيندو الله تعاليٰ ان کي ٻئي جُمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهن ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي به آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽيندو ته رَحمت ايندي (۽) گناهه (متجي) ويندا.

(بهارشريعت حصو 16 ص 226 ، درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 669،668)

# رِزق ۾ تنگي جو هڪ سبب

صَدرُالشَّرِيعَہ بَدرُالطَّرِيقَہ حضرت مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ القوي فرمائن ٿا: جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مُستَحَب آهي، ها جيڪڏهن گهڻو وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪري ننهن وڌيل هجڻ سٺو ناهي ڇو ته ننهن وڌيل هجڻ رِزق ۾ تنگي جو سبب آهي. (بهارشريعت حصو 16 ص 225)

# ملائڪ خوشنصيبن جا نالا لکندا آهن

مصطفيٰ جانِ رَحمت، شمع بزمِ هدايت، نوشهءِ بزمِ جنّت، مَنبع جُودو سخاوت، سراپا فضل و رَحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو رحمت ڀريو ارشاد آهي: ”جڏهن جمعي جو ڏينهن ايندو آهي ته مسجد جي دروازي تي ملائڪ اچڻ واري کي لکندا آهن، جيڪي پهريان آيا ان کي پهريان لکندا آهن، جلدي اچڻ وارو ان شخص وانگر آهي جيڪو الله تعاليٰ جي راهه ۾ هڪ اُٺ صدقو ڪري، ۽ ان کان پوءِ اچڻ وارو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ان شخص وانگر آهي جيڪو هڪ ڳئون صدقو ڪري، ان کان پوءِ اچڻ وارو ان شخص وانگر آهي جيڪو ڏُنبو صدقو ڪري، پوءِ اچڻ وارو ان وانگر آهي جيڪو مُرغي صَدقو ڪري پوءِ (اچڻ وارو) ان وانگر آهي جيڪو بيضو صدقو ڪري ۽ جڏهن امام (خطبي لاءِ) ويهندو آهي تہ اهي اعمال نامن کي ويڙهي ڇڏيندا آهن ۽ اچي ڪري خُطبو ٻڌندا آهن. (صحيح بخاري ج 1 ص 319 حديث 929)

مُفَسِّر شَهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا: ”ڪجھ عالمن فرمايو آهي تہ ملائڪ جمعي جي ڏينهن فجر جو وقت شروع ٿيڻ کان بيهندا آهن، ڪِن جي مطابق سج اُڀرڻ کان، پر حق هي آهي تہ سج جي زوال وقت (يعني ظهر جي وقت شروع ٿيڻ) کان پوءِ شروع ٿيندا آهن ڇو تہ انهي وقت کان جمعي جو وقت شروع ٿيندو آهي معلوم ٿيو تہ اهي ملائڪ سيني اچڻ وارن جا نالا ڄاڻيندا آهن، خيال رهي تہ جيڪڏهن پهريان سؤ ماڻهو هڪ ئي وقت گڏ آيا تہ اهي سڀ اول آهن.“ (مراٰة ج 2 ص 335)

## پهرين صدي ۾ جمعي جو جذبو

حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيِّدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: ”پهرين صدي ۾ سَحري جي وقت ۽ فجر کان پوءِ رستن تي ماڻهن جي رش ڏٺي ويندي هئي، اهي ڏيئو کڻي (جمعي جي نماز لاءِ) جامع مسجد ويندا هئا جڻ عيد جو ڏينهن هجي، ايتري تائين جو هي سلسلو ختم ٿي ويو. ايستائين جو چيو وڃي ٿو تہ اسلام ۾ جيڪا پهرين بِدعت ظاهر ٿي اها جامع مسجد ڏانهن جلدي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

وجڻ کي چڙي ڏيڻ آهي. افسوس! مسلمانن کي يهودين کان حياء نہ ٿو اچي جو اهي پنهنجي عبادتگاهن ڏانهن ڇنڇر ۽ آچر جي ڏينهن صبح سوير جو ويندا آهن، جڏهن تہ دنيا جا طالب واپار ۽ دنياوي نفعو حاصل ڪرڻ لاءِ سوير ئي بازارن ڏانهن نڪري ويندا آهن تہ پوءِ آخرت جا طالب انهن سان مقابلو ڇو نہ ٿا ڪن؟ (احياء العلوم ج 1 ص 246) جتي جمعو پڙهيو ويندو آهي ان کي "جامع مسجد" چوندا آهن.

## غريبن جو حجّ

حضرت سَيِّدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان روايت آهي تہ سرڪار نامدار، باذنِ پروردگار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "اَلْجُمُعَةُ حَجُّ الْمَسَاكِيْن" يعني جمعي جي نماز مسڪينن جو حج آهي ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ "اَلْجُمُعَةُ حَجُّ الْفُقَرَاءِ" يعني جمعي جي نماز غريبن جو حج آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 4 ص 84 حديث 11109، 11108)

## جمعي جي لاءِ جلدي وڃڻ حج آهي

الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "بيشڪ توهان جي لاءِ هر جُمعي جي ڏينهن ۾ هڪ حج ۽ هڪ عُمرو موجود آهي، تنهن ڪري جُمعي جي نماز جي لاءِ جلدي وڃڻ حج آهي ۽ جمعي جي نماز کان پوءِ عصر جي نماز جو انتظار ڪرڻ عُمرو آهي." (السنن الڪبريٰ للبيهقي ج 3 ص 342 حديث 5950)

## حج ۽ عُمري جو ثواب

حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيِّدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: (جمعي جي نماز کان پوءِ) عصر جي نماز پڙهڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

تائين مسجد ۾ ئي رهي ۽ جيڪڏهن مغرب جي نماز تائين ترسي تہ افضل آهي، چيو وڃي ٿو تہ جنهن جامع مسجد ۾ (جمعو ادا ڪرڻ ڪان پوءِ اتي ئي ترسي) نماز عصر پڙهي ان جي لاءِ حج جو ثواب آهي ۽ جنهن (اتي ئي رهي) مغرب جي نماز پڙهي ان جي لاءِ حَجّ ۽ عُمري جو ثواب آهي. (احياء العلوم ج 1 ص 249)

## سڀني ڏينهن جو سردار

نَبِيِّ مُعَظَّم، رَسُولِ مُحتَرَم، سُلطانِ ذِي حَشَم، تاجَدار حَرَم، سَرَاپا جُودو ڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ باقرينہ آهي: جمعي جو ڏينهن سڀني ڏينهن جو سردار آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ سڀ ڪان وڏو آهي ۽ اهو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ ڪان وڏو آهي، ان ۾ پنج خصلتون آهن: ﴿1﴾ **الله** عَزَّوَجَلَّ انهي ڏينهن سيّدنا آدم عَلَيهِ السّلام کي پيدا ڪيو ۽ ﴿2﴾ انهي ڏينهن کين زمين تي لاٿو ۽ ﴿3﴾ انهي ڏينهن کين وفات ڏنائين ۽ ﴿4﴾ ان ۾ هڪ گهڙي اهڙي آهي جو ماڻهو ان وقت جنهن شيءِ جو سوال ڪندو **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي ڏيندو جيسيتائين جو حرام جو سوال نہ ڪري ﴿5﴾ انهي ڏينهن قيامت قائم ٿيندي. ڪو مُقَرَّب ملائڪ آسمان، زمين، هوا، جبل ۽ درياء اهڙو ناهي جيڪو جمعي جي ڏينهن ڪان نہ ڊڄندو هجي.

(سنن ابن ماجہ ج 2 ص 8 حديث 1084)

## جانورن کي قيامت جو خوف

هڪ ٻي روايت ۾ آهي سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي بہ فرمايو آهي تہ ڪو جانور اهڙو ناهي جيڪو جمعي جي ڏينهن صبح

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

جي وقت سج اُڀرڻ تائين قِيامت جي خوف کان رڙيون نہ ڪندو هجي، سواءِ ماڻهو ۽ جنّ جي. (موطا امام مالک ج 1 ص 115 حديث 246)

## دُعا قبول ٿيندي آهي

سرڪار مڪ مڪرمہ، سردار مدينہ منوره صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عنايت نشان آهي: "جمعي ۾ هڪ گهڙي اهڙي آهي جيڪڏهن ڪو مسلمان ان وقت **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڪجھ گهرندو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي ضرور ڏيندو ۽ اها گهڙي مختصر آهي." (صحيح مسلم ص 424 حديث 852)

## عصر ۽ مغرب جي وچ ۾ ڳوليو

حضور پُرنُور شافِع يومُ النُّشور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: "جمعي جي ڏينهن جنهن گهڙي جي خواهش ڪئي ويندي آهي ان کي عصر کان وٺي سج لهڻ تائين ڳوليو." (سنن ترمذي ج 2 ص 30 حديث 489)

## صاحبِ بهار شريعت جو ارشاد

حضرت صَدرُ الشَّريعہ مولانا محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا تہ دعا جي قُبُوليَّت جي گهڙين جي باري ۾ بہ قول قوي آهن: ﴿1﴾ امام جي خطبي لاءِ ويهڻ کان نماز ختم ٿيڻ تائين ﴿2﴾ جمعي جي پوئين (يعني آخري) گهڙي. (بهارشريعت ج 1 ص 754)

## قبوليت جي ڪهڙي گهڙي آهي؟

مُفسِّر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: رات ۾ روزانو دعا قبول ٿيڻ جي گهڙي ايندي آهي پر ڏينهن ۾ صرف جمعي جي ڏينهن، پوءِ بہ يقيني طور تي هي خبر ناهي تہ اها

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

گهڙي ڪهڙي آهي؟ غالب (گمان) آهي تہ ٻن خُطبن جي وچ ۾ يا سج لهڻ کان ٿورو اڳ. هڪ ٻي حديث پاڪ جي تحت مفتي صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”ان گهڙي جي مُتَعَلّق عُلماء جا چاليهہ قول آهن، جن ۾ ٻہ قول وڌيڪ قوي آهن هڪ ٻن خطبن جي وچ وارو ۽ ٻيو سج لهڻ جو وقت.“ (مرآة ج 2 ص 319، 320)

## حڪايت

حضرت سَيِّدتنا فاطِمةُ الزَّهراء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا انهي وقت پاڻ حُجري ۾ ويهنديون هيون ۽ پنهنجي خادمہ حضرت فِضَّہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا کي ٻاهر ٻيهاريديون هيون جڏهن سِج لهندو هو تہ خادمہ کين ٻڌائيندي هئي، ان جي ٻڌائڻ تي سَيِّده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا پنهنجا هٿ دعا لاءِ کڻنديون هيون. (ايضًا ص 320) بهتر هي آهي تہ هن گهڙي ۾ ڪا جامع دعا گهري جيئن هي قرآني دعا:

رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِی الدُّنۡیَا حَسَنَةً وَّ فِی الۡاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾ (پ 2، البقره 201)

ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

(مرآة ج 2 ص 325)

دعا جي نيّت سان درود شريف بہ پڑهي سگهو ٿا جو درود پاڪ بہ عظيم الشّان دعا آهي. افضل هي آهي تہ ٻنهي خطبن جي وچ ۾ بنا هٿ کڻڻ جي ۽ بنا زبان چورڻ جي دل ۾ دعا گهري وجي.

## هر جُمعي جو هڪ ڪروڙ 44 لک جهنم کان آزاد

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان نجات نشان آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنھن وٽ منھنجو ذڪر ٿئي ۽ اھو مون تي درود شريف نہ پڙھي تہ ماڻھن مان اھو ڪنجوس ترين شخص آھي. (ترغيب و ترھيب)

”جمعي جي ڏينھن ۽ رات ۾ چوويھہ ڪلاڪ آھن ڪو ڪلاڪ اھڙو ناھي جنھن ۾ **اللّٰه** تعالي جھنّم کان ڇھہ لک (اھڙا ماڻھو) آزاد نہ ڪندو ھجي جن تي جھنّم واجب ٿي چڪو ھو.“

(مسند ابي يعليٰ ج 3 ص 291، 235 حديث 3421، 3471)

## قبر جي عذاب کان محفوظ

تاجدار مدينہ منوّرہ، سلطان مڪہ مڪرمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو جمعي جي ڏينھن ۽ جمعي جي رات (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) مرندو (اھو) قبر جي عذاب کان بچايو ويندو ۽ قيامت جي ڏينھن ائين ايندو جو ان تي شھيدن جي مھر ھوندي.

(حلية الاولياء ج 3 ص 181 حديث 3629)

## جمعي کان جمعي تائين گناھن جي معافي

حضرت سَيِّدنا سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آھي تہ شھنشاھِ ڪون و مڪان، رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آھي تہ جيڪو شخص جمعي جي ڏينھن غسل ڪري ۽ جنھن طھارت (پاڪائي) جي استطاعت آھي اھا ڪري ۽ تيل لڳائي ۽ گھر ۾ جيڪا خوشبو ھجي اھا ھڻي پوءِ نماز لاءِ نڪري ۽ ٻن ماڻھن جي وچ ۾ جدائي نہ ڪري يعني ٻہ ماڻھو ويٺل ھجن تہ انھن کي ھٽائي وچ ۾ نہ ويھي ۽ جيڪا نماز ان لاءِ لکي وئي آھي (اھا) پڙھي ۽ امام جڏھن خطبو پڙھي تہ چپ رھي تہ ان جي لاءِ سندس انھن گناھن جي بخشش ٿي ويندي جيڪي ھن جمعي ۽ ٻئي جمعي جي وچ ۾ ٿيا.

(صحيح بخاري ج 1 ص 306 حديث 883)

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

# 200 سالن جي عبادت جو ثواب

حضرت سَيِّدنا صديق اڪبر ۽ حضرت سَيِّدنا عمران بن حُصين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا روايت ڪن ٿا تہ تاجدار مدينہ منوره، سلطان مڪہ مڪرمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن غسل ڪري ان جا گناهہ ۽ خطائون بخشيون وينديون آهن ۽ جڏهن هلڻ شروع ڪندو تہ هر قدم تي ويهہ نيڪيون لکيون وينديون آهن. (المعجم الکبير للطبراني ج 18 ص 139 حديث 292) ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ هر قدم تي ويهن سالن جو عمل لکيو ويندو آهي ۽ جڏهن نماز کان فارغ ٿيندو تہ ان کي 200 سالن جي عمل جو اجر ملندو آهي.

(المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 314 حديث 3397)

# مرحوم والدين وٽ هر جمعي تي عمل پيش ٿيندا آهن

مڪي مدني سرڪار، محبوبِ پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”سومر ۽ خميس تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عملَ پيش ٿيندا آهن ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام ۽ ماءُ پيءُ جي سامهون هر جمعي جو، هو نيڪين تي خوش ٿيندا آهن ۽ سندن چهرن جي صفائي ۽ نورانيّت وڌي ويندي آهي، تہ پوءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ۽ پنهنجن وفات ڪري وڃڻ وارن کي پنهنجي گناهن جي ڪري رنج نہ پهچايو.“

(نوادرالاصول للحڪيم الترمذي ص 260)

# جمعي جا پنج خصوصي عمل

حضرت سَيِّدنا ابو سعيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ نور

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

مُجَسّم، رسول مُحتَشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مُعَظَّم آهي تہ پنج شيون جيڪو هڪ ڏينهن ۾ ڪندو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان کي جنّتي لکي ڇڏيندو: ﴿1﴾ جيڪو مريض جي عيادت ڪري ﴿2﴾ جنازي نماز ۾ حاضر ٿئي ﴿3﴾ روزو رکي ﴿4﴾ جمعي نماز لاءِ وڃي ﴿5﴾ غلام آزاد ڪري. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج 4 ص 191 حديث 2760)

## جنت واجب ٿي وئي

حضرت سَيِّدنا ابو اُمامہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ سروَر ذيشان، رحمت عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: "جنهن جمعي جي نماز پڙهي، ان ڏينهن جو روزو رکيو، ڪنهن مريض جي عيادت ڪئي، ڪنهن جنازي ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪنهن نڪاح ۾ شرڪت ڪئي تہ جنت ان جي لاءِ واجب ٿي وئي.

(المعجم الكبير ج 8 ص 97 حديث 7484)

## صرف جمعي جو روزو نہ رکو

خاص ڪري صرف جمعي جو يا صرف ڇنڇر جو روزو رکڻ مڪروه تَنزِيهي آهي، باقي جيڪڏهن ڪنهن مخصوص تاريخ تي جمعو يا ڇنڇر اچي ويو تہ ڪراهت ناهي مثلاً 15 شَعبان المُعظَّم 27 رَجَبُ المُرَجَّب وغيره. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جمعي جو ڏينهن توهان جي لاءِ عيد آهي، ان ڏينهن تي روزو نہ رکو پر هي تہ ان کان اڳ ۾ يا بعد ۾ روزو رکو. (الترغيب والترهيب ج 2 ص 81 حديث 11)

## ڏهہ هزار سالن جي روزن جو ثواب

منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

ٿا: ”جمعي جو روزو يعني (جڏهن) ان سان گڏ خميس جو يا ڇنڇر جو روزو به شامل هجي، مروي آهي ته اهو ڏهه هزار سالن جي روزن جي برابر آهي.“ (فتاويٰ رضويه ج 10 ص 653)

## جمعي جو روزو ڪڏهن مڪروه آهي

جمعي جو روزو هر صورت ۾ مڪروه ناهي، مڪروه صرف ان صورت ۾ آهي جڏهن ڪو خصوصي طور جمعي جو روزو رکي. جمعي جو روزو ڪڏهن مڪروه آهي انهيءَ باري ۾ فتاويٰ رضويه جلد 10 صفحي 559 تان سوال جواب ملاحظه فرمايو. سوال: علماءِ دين ڇا ٿا فرمائن هن مسئلي ۾ ته جمعي جو نفلي روزو رکڻ ڪيئن آهي؟ هڪ شخص جمعي جو روزو رکيو، ٻئي شخص ان کي چيو: جمعه عيد المؤمنين آهي، هن ڏينهن روزو رکڻ مڪروهه آهي ۽ اصرار ڪندي ٻنپهرن کان پوءِ ان جو روزو ٽوڙائي ڇڏيو. جواب: جمعي جو روزو خاص انهيءَ نيّت سان جو اڄ جمعو آهي ان جو روزو بالتخصيص جيتوڻيڪ مڪروهه آهي پر اهڙي ڪراهت نه آهي جو ٽوڙڻ لازمي ٿئي، ۽ جيڪڏهن خاص تخصيص جي نيت نه هئي ته ڪا ڪراهت به ناهي. ان ٻئي شخص کي جيڪڏهن نيتِ مڪروه تي ڄاڻ نه هئي پوءِ ته اعتراض ڪرڻ ئي ڇريائپ ٿيو ۽ روزو ٽوڙڻ شريعت تي سخت جرئت آهي ۽ جيڪڏهن ڄاڻ به آهي تڏهن به مسئلو ٻڌائڻ ڪافي هو، نه اهو جو روزو ٽوڙائڻ، اهو به ٻنپهرن کان پوءِ، جنهن جو اختيار نفلي روزي ۾ والدين کان سواءِ ڪنهن کي به ناهي، ٽوڙڻ ۽ ٽوڙائڻ وارا ٻئي گناهگار ٿيا ٽوڙڻ واري تي قضا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

لازم آهي ڪفارو اصلاً ناهي. وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم۔

## جمعي جي ڏينهن ماءُ پيءُ جي قبر تي حاضري جو ثواب

سرڪار نامدار، پنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاه ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان خوشگوار آهي: جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ يا ڪنهن هڪ جي قبر تي هر جمعي جي ڏينهن حاضر ٿيندو تہ **الله** تعاليٰ ان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ ماءُ پيءُ سان سهڻو ورتاءُ ڪرڻ وارو لکيو ويندو. (المعجم الاوسط للطبراني ج 4 ص 321 حديث 6114)

## والدين جي قبر تي "يٰسٓ" پڙهڻ جي فضيلت

حضور اڪرم، نورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن والدين يا ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ ان وٽ يٰسٓ شريف پڙهي ان جي بخشش ٿي ويندي." (الڪامل في ضعفاءِ الرجال ج 6 ص 260)

## ٽي هزار مَغفِرتُون

سُلطانِ حَرَمَين، رَحمت ڪَونَين، ناناءِ حَسنَين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان باعث چَين آهي: جيڪو هر جمعي تي ماءُ پيءُ يا ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري اتي يٰسٓ پڙهندو تہ يٰسٓ شريف ۾ جيترا حرف آهن انهن سيني جي ڳڻپ برابر **الله** تعاليٰ ان جي لاءِ مَغفِرت فرمائيندو. (اتحاف السادة المتقين ج 14 ص 272)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر جُمعي شريف تي فوت شده ماءُ پيءُ

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قبر تي حاضر ٿي يٰسٓ شريف پڙهڻ واري جا ٻہ ٻيڙا ئي پار آهن، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ يٰسٓ شريف ۾ 5 رڪوع 83 آيتون 729 جملا ۽ 3000 هزار اکر آهن. جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ وٽ صحيح ڳڻپ اها آهي تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٽي هزار مَغفِرتن جو ثواب ملندو.

## جمعي جي ڏينهن يٰسٓ پڙهڻ واري جي مغفرت ٿيندي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جمعي جي ڏينهن يا (خميس ۽ جمعي جي وچ واري) رات ۾ جيڪو يٰسٓ شريف پڙهندو ان جي بخشش ٿي ويندي. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 298 حديث 4)

## رُوح گڏ ٿيندا آهن

جمعي جي ڏينهن روح گڏ ٿيندا آهن، تنهن ڪري ان ڏينهن قبرن جي زيارت ڪرڻ گهرجي ۽ ان ڏينهن جهنّم ناهي ڀڙڪايو ويندو. (درمختار ج 3 ص 49) منهنجا آقا، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”(قبرن جي) زيارت جو افضل وقت جمعي جي ڏينهن فجر جي نماز کان پوءِ آهي.“ (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 523)

## سُوْرَةُ الْكَهْف جي فضيلت

حضرت سَيِّدنا عبدالله ابن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي، نبيّ رَحمت، شَفِيع اُمت، شهنشاهِ نُبُوّت تاجدار رِسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن ”سُوْرَةُ الْكَهْف“ پڙهندو ان جي پيرن کان آسمان تائين نور بلند ٿيندو جيڪو قيامت ۾ ان جي لاءِ روشن ٿيندو ۽ ٻن جمعن جي وچ ۾ جيڪي گناهہ ٿيا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

آهن بخشيا ويندا. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 298 حديث 2)

## ٻن جمعن جي وچ ۾ نور

حضرت سَيِّدنا ابو سعيد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي، حضور سراپاءِ نور، فيض گنجور، شاه غَيور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان نورٌ علي نور آهي: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن "سُوْرَةُ الْكَهْف" پڙهندو ان جي لاءِ ٻنهي جمعن جي وچ ۾ نور روشن ٿيندو.
(السنن الکبريٰ للبيهقي ج 3 ص 353 حديث 5996)

## ڪعبي تائين نور

هڪ روايت ۾ آهي: "جيڪو "سُوْرَةُ الْكَهْف" جمعي جي رات (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) پڙهندو ان جي لاءِ اتان کان ڪعبي تائين نور روشن ٿيندو." (سنن الدارمي ج 2 ص 546 حديث3407)

## سُوْرَة حٰمٓ الدُّخَان جي فضيلت

حضرت سَيِّدنا ابو امامه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي، حضور سراپا نور، فيض گنجور، شاه غَيور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: "جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن يا جمعي جي رات سورت "سُوْرَةُ الدُّخَان" پڙهندو ان جي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جنّت ۾ هڪ گهر ناهيندو." (المعجم الکبير للطبراني ج 8 ص 264 حديث 8026) هڪ روايت آهي ته ان جي مغفرت ٿي ويندي. (سنن ترمذي ج 4 ص 407 حديث 2898)

## ستر هزار ملائڪن جو اِستِغفار

امامُ الانصار والمهاجرين، مُحِبُّ الفُقراء والمَساڪين، جناب رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: "جيڪو شخص

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

رات جو سُوْرَةُ الدُّخَان پڙهندو تہ صبح ٿيڻ تائين ان جي لاءِ ستر هزار ملائڪ اِسْتِغْفار ڪندا.“ (سنن ترمذي ج 4 ص 406 حديث 2897)

## سيئي گناهہ معاف

حضرت سَيِّدُنا اَنس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ محبوبِ رحمٰن، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مَغفِرت نشان آهي: ”جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن فجر نماز کان اڳ ۾ ٽي ڀيرا اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الَّذِیْ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ وَاَتُوْبُ اِلَیْهِ پڙهندو، ان جا گناهہ بخشيا ويندا چاهي سمنڊ جي جهڳ برابر هجن.“

(المعجم الاوسط للطبراني ج 5 ص 392 حديث 7717)

## جمعي جي نماز کان پوءِ

اللّٰہ تعاليٰ 28 سيپاري سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ جي آيت نمبر 10 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ وَابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰﴾

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جڏهن نماز ٿي چڪي تہ زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ اللّٰہ جو فضل تلاش ڪريو ۽ اللّٰہ کي گهڻو ياد ڪريو هن اميد تي تہ مَن ڪامياب ٿيو.

صدرُ الافاضل، حضرت علّامہ سَيِّد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي هن آيت جي تحت تفسير ”خَزائِنُ العِرفان“ ۾ فرمائن ٿا: ”هاڻي (يعني جمعي جي نماز کان پوءِ) توهان جي لاءِ جائز آهي تہ روزيءَ جي ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃو يا علم حاصل ڪرڻ يا بيمار جي عيادت يا جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ يا علماء جي زيارت ڪرڻ يا ان

فرمانِ مصطفےٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلٰي)

جهڙن ٻين ڪمن ۾ مشغول ٿي نيڪيون حاصل ڪريو.“

## عِلم جي مجلس ۾ شرڪت

جمعي نماز کان پوءِ علم جي مجلس ۾ حاضر ٿيڻ مُستَحَب آهي، حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيِّدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوالي لکن ٿا تہ حضرت سَيِّدنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جو فرمان آهي: ”هن آيت ۾ صرف خريد و فروخت ۽ دنيا ڪمائڻ مراد ناهي بلڪ علم حاصل ڪرڻ، پائرن جي زيارت، بيمارن جي عيادت، جنازي سان وڃڻ ۽ اهڙي طرح جا ٻيا ڪم پڻ مراد آهن.“ (ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 191)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جمعي جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ 11 شرط آهن، انهن مان هڪ شرط بہ معدوم (يعني گهٽ) ٿيو تہ فرض ناهي پوءِ بہ جيڪڏهن پڙهندو تہ ٿي ويندو، بلڪ عاقل بالغ مرد لاءِ جمعي جي نماز پڙهڻ افضل آهي، نابالغ جمعو پڙهيو تہ نفل آهي ڇو تہ ان جي مٿان نماز فرض ئي ناهي. (درمختار و ردالمحتار ج 3 ص 30)

## ”سِيِّدِي غوثِ اعظم“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان جمعي جي نماز ادا ڪرڻ جا 11 شرط

۞ شهر ۾ مُقِيم هئڻ ۞ صِحت هجڻ يعني مريض تي جمعو فرض ناهي مريض مان مراد اهو آهي جيڪو جامع مسجد تائين نہ وڃي سگهندو هجي يا وڃي تہ سگهندو هجي پر بيماري وڌي ويندي يا دير سان نيڪ ٿيندو، شيخ فاني (تمام جهور پوڙهو) مريض جي حڪم ۾ آهي ۞ آزاد هئڻ، غلام تي جمعو فرض ناهي، ۽ ان جو آقا ڪيس منع ڪري سگهي ٿو ۞ مرد هئڻ ۞ بالغ هئڻ ۞ عاقل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

هجڻ اهي ٻئي شرط خاص جمعي لاءِ ناهن بلڪ هر عِبادت جي واجب هئڻ ۾ عاقل بالغ هئڻ شرط آهي ۞ اکين وارو هئڻ ۞ هلڻ جي طاقت رکڻ ۞ قيدي نہ هئڻ ۞ بادشاهہ يا چور وغيره يا ڪنهن ظالم جو خوف نہ هئڻ ۞ مينهن يا طوفان يا ڳڙا يا سيءُ نہ هئڻ يعني ايتري تائين جو انهن مان نقصان جو صحيح خوف هجي.

(بهار شريعت ج 1 ص 770،772)

جن تي نماز فرض آهي پر ڪنهن شَرعِي عُذر جي سبب جمعو فرض ناهي، انهن لاءِ جمعي جي ڏينهن ٻيپهري جي نماز معاف ناهي اها تہ پڙهڻي ئي پوندي.

## جمعي جون سنتون

جمعي نماز جي لاءِ اول وقت ۾ وڃڻ، ڏندڻ ڪرڻ، صاف سترا ۽ سفيد ڪپڙا پائڻ، تيل ۽ خوشبو لڳائڻ ۽ پهرين صف ۾ ويهڻ مُستَحَب آهي ۽ غُسل سنّت آهي. (عالمگيري ج 1 ص 149، غنيہ ص 559)

## جمعي جي غسل جو وقت

مُفَسِّر شَهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: "ڪجھ علماء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا تہ جمعي جو غسل نماز لاءِ سنّت آهي نہ ڪي جمعي جي ڏينهن لاءِ، تنهنڪري جن تي جمعي جي نماز ناهي انهن لاءِ هي غسل بہ سنّت ناهي. ڪجھ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: جمعي جو غُسل جمعي جي نماز جي ويجهو ڪريو ايتري تائين جو ان جي وضو سان جمعو پڙهو، پر حق هي آهي تہ جمعي جي غسل جو وقت فجر طُلوع ٿيڻ کان شروع ٿيندو آهي. (مراٰة ج 2 ص 334) معلوم ٿيو تہ عورت ۽ مسافر وغيره جن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

تي جمعو واجب ناهي انهن جي لاءِ جمعي جو غسل بہ سنّت ناهي.

## جمعي جو غسل سنّت غير مؤڪّده آهي

حضرت علّامہ ابن عابدين شامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي فرمائن ٿا: ”جمعي نماز لاءِ غسل ڪرڻ سُنَنِ زَوائِد منجهان آهي، ان کي ڇڏي ڏيڻ تي عِتاب (يعني مَلامت) ناهي.“ (ردالمحتار ج 1 ص 339)

## خطبي ۾ ويجهو ويهڻ جي فضيلت

حضرت سَيِّدنا سَمُرَه بن جُندَب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ حضور اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”خطبي جي وقت حاضر رهو ۽ امام جي ويجهو رهو ان لاءِ جو ماڻهو جيترو پري رهندو اوترو ئي جنّت ۾ پوئتي رهندو جيتوڻيڪ اهو (يعني مسلمان) جنّت ۾ داخل ضرور ٿيندو.“ (سنن ابي داوٗد ج 1 ص 410 حديث 1108)

## جمعي جو ثواب نہ ملندو

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جيڪو جمعي جي ڏينهن (ان وقت) ڳالهائي جڏهن امام خطبو ڏئي رهيو هجي تہ ان جو مثال ان گڏهہ وانگر آهي جنهن جي پٺي تي ڪتاب هجن ۽ ان وقت جيڪو ان کي هيئن چوي تہ ”چُپ ڪر“ تہ ان کي جمعي جو ثواب نہ ملندو.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 1 ص 494 حديث 2033)

## خاموش ٿي خُطبو ٻُڌڻ فرض آهي

جيڪي شيون نماز ۾ حرام آهن مثلاً کائڻ پيئڻ، سلام ۽ سلام جو جواب وغيره اهي سڀ خُطبي جي حالت ۾ بہ حرام آهن، ايتري تائين جو نيڪي جي دعوت ڏيڻ بہ، باقي خَطِيب اَمرٌ بِالمَعروف

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

ڪري (يعني نيڪي جي دعوت ڏئي) سگهي ٿو. جڏهن خطبو پڙهي تہ تمام حاضرين لاءِ ٻڌڻ ۽ چپ رهڻ فرض آهي. جيڪي ماڻهو امام کان پري هجن جو خطبي جو آواز انهن تائين نہ پهچندو هجي انهن کي بہ چپ رهڻ واجب آهي جيڪڏهن ڪنهن کي بري ڳالهہ ڪندي ڏسن تہ هٿ يا مٿي جي اشاري سان منع ڪري سگهن ٿا، زبان سان ناجائز آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 774، درمختار ج 3 ص 39)

## خطبو ٻڌڻ وارو درود شريف نٿو پڙهي سگهي

سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نالو مبارڪ خطيب ورتو تہ حاضرين دل ۾ درود شريف پڙهن، زبان سان پڙهڻ جي ان وقت اجازت ناهي، اهڙي طرح صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو تذڪرو اچڻ تي ان وقت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم زبان سان چوڻ جي اجازت ناهي.

(بهار شريعت ج 1 ص 775 درمختار ج 3 ص 40)

## نڪاح وارو خطبو ٻڌڻ واجب آهي

جمعي جي خطبي کان علاوه ٻين خطبن جو ٻڌڻ بہ واجب آهي مثلاً عيدن ۽ نڪاح وغيره جا خطبا. (درمختار ج 3 ص 40)

## پهرين اذان ايندي ئي ڪاروبار بہ ناجائز

پهرين اذان ايندي ئي (جمعي نماز لاءِ وڃڻ جي) ڪوشش (شروع ڪرڻ) واجب آهي ۽ بيع (واپار) وغيره انهن شين کي ڇڏي ڏيڻ واجب آهي جيڪي سَعي (ڪوشش) ۾ رڪاوٽ هجن، ايتري تائين جو رستي ۾ هلندي جيڪڏهن واپار ڪيو تہ اهو بہ ناجائز آهي ۽ مسجد ۾ واپار تہ سخت گناهہ آهي ۽ جيڪڏهن ڪاڌو ڪائي رهيو هو تہ جمعي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

جي اذان جو آواز آيو جيڪڏهن اهو انديشو آهي ڪائيندس تہ جمعو نڪري ويندو تہ ڪائڻ ڇڏي ڏئي ۽ جمعي لاءِ وڃي، جمعي لاءِ اِطمينان ۽ وَقار سان وڃي.

(بهار شريعت ج 1 ص 775 ، درمختار ج 3 ص 42 ، عالمگيري ج 1 ص 149)

اڄڪلهہ دين جي علم کان دوري جو دؤر آهي، ماڻهن ٻين عبادتن جيان خطبو ٻڌڻ جهڙي عظيم عبادت ۾ بہ غلطيون ڪري ڪيترائي گناهہ ڪري ويهندا آهن، ان لاءِ مدني التجا آهي تہ بيشمار نيڪيون ڪمائڻ لاءِ هر جمعي جو خطيب خطبي جي اذان کان اڳ مِنبر تي چڙهڻ کان پهريان هيءُ اعلان ڪري:

## ”بسم الله“ جي سنت اڪرن جي نسبت سان خُطبي جا 7 مدني گل

۞ حديث پاڪ ۾ آهي: ”جنهن جُمعي جي ڏينهن ماڻهن جا ڪنڌ اورانگهيا ان جهنم جي طرف پل ناهيو.“ (سنن ترمذي ج 2 ص 48 حديث 513)

ان جي هڪ معنيٰ هي آهي تہ ماڻهو ان تي چڙهي جهنّم ۾ داخل ٿيندا. (حاشيہ بهار شريعت ج 1 ص 762،761)

۞ خطيب ڏانهن منهن ڪري ويهڻ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي سنّت آهي.

۞ بُزُرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين فرمائن ٿا: ”گوڏا ٻڄي ويهي ڪري خطبو ٻڌي پهرئين خطبي ۾ هٿ ٻڌي، ٻئي ۾ گوڏن تي هٿ رکي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻن رڪعتن جو ثواب ملندو.“ (مراٰة المناجيح ج 2 ص 338)

۞ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: خطبي ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

حُضُور اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نالو مبارڪ ٻڌي دل ۾ دُرُود پڙهو چوتہ زبان سان چپ رهڻ فرض آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 8 ص 365)

۞ "درمختار" ۾ آهي: خطبي ۾ کائڻ، پيئڻ، ڳالهائڻ جيتوڻيڪ سُبحٰنَ الله چوڻ، سلام جو جواب ڏيڻ، يا نيڪي جي ڳالھ ٻڌائڻ حرام آهي. (درمختار ج 3 ص 39)

۞ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: "خطبي جي دوران هلڻ حرام آهي ايتري تائين جو علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه السَّلام فرمائن ٿا: جيڪڏهن اهڙي وقت تي آيو جو خطبو شروع ٿي ويو تہ مسجد ۾ جتي پهتو اتي ئي رڪجي وڃي اڳتي نہ وڌي جو هي عمل ٿيندو ۽ خطبي جي حالت ۾ ڪو عمل جائز ناهي. (فتاويٰ رضويہ ج 8 ص 333)

۞ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: خطبي ۾ ڪنهن طرف ڪنڌ ورائي ڏسڻ بہ حرام آهي. (ايضاً ص 334)

## جمعي جي اِمامت جو اهم مسئلو

هڪ تمام اهم ڳالھ جنهن ڏانهن عوام جو ڌيان بلڪل ناهي، اها هي آهي تہ جمعي کي ٻين نمازن وانگر سمجهي ڇڏيو آهي، جنهن چاهيو نئون جمعو قائم ڪري ورتو ۽ جنهن چاهيو پڙهائي ڇڏيو هي ناجائز آهي، ان ڪري جو جمعو قائم ڪرڻ بادشاھ اسلام يا ان جي نائب جو ڪم آهي ۽ جتي اسلامي سلطنت نہ هجي اتان جو سڀ کان وڏو فَقِيہ (عالم) سُني صَحِيحُ العقيده هجي، اهو شَرعِي احڪام جاري ڪرڻ ۾ بادشاھِ اسلام جو قائم مقام آهي. ان لاءِ اهو ئي جمعو قائم ڪري، بنا ان جي اجازت جي جمعو قائم نٿو

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

تي سگهي ۽ اهو بہ نہ ٿئي جو عام ماڻهو جنهن کي امام بڻائن، عالم جي هوندي عوام پنهنجي طرفان ڪنهن کي امام نٿو بڻائي سگهي نہ اهو ٿي سگهي ٿو تہ بہ چار ماڻهو ڪنهن کي امام مقرر ڪري ڇڏين اهڙو جمعو ڪٿي ثابت ناهي. (بهار شريعت ج 1 ص 764)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ماخذ ۽ مراجع

| ڪتاب جو نالو | مطبوعہ | ڪتاب جو نالو | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مكتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچی | سنن ڪبريٰ | دار الكتب العلمية بيروت |
| ڪنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچی | مجمع الزوائد | دار الفكر بيروت |
| صحيح بخاری | دار الكتب العلمية بيروت | الترغيب والترهيب | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | نوادر الاصول | دار المعرفة بيروت |
| سنن ترمذی | دارالفكر بيروت | تاريخ دمشق | دار الفكر بيروت |
| سنن ابي داوٗد | دار احياء التراث العربي بيروت | لمعات | مركز الاولياء لاهور |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | اشعة اللمعات | ڪوئٽه |
| موطا امام مالک | دار المعرفة بيروت | احياء علوم الدين | دارالصادر بيروت |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | ڪيمياءِ سعادت | انتشارات گنجينه تهران |
| المعجم الكبير للطبراني | دار احياء التراث العربي بيروت | غنيه | مركز الاولياءِ لاهور |
| المعجم الاوسط | دار الكتب العلمية بيروت | مراة المناجيح | ضياءُ القران لاهور |
| الاحسان بالترتيب صحيح ابن حبّان | دار الكتب العلمية بيروت | فتاوي عالمگيري | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن دارمي | دار الكتب العربي بيروت | در مختار | انتشارات گنجينه تهران |
| مصنف ابن ابي شيبه | دار المعرفة بيروت | ردالمحتار | دارالبشائر بيروت |
| مُسند ابي يعليٰ | دارالفكر بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونديشن لاهور |
| الكامل في ضعفاءِ الرجال | دار الكتب العلمية بيروت | بهار شريعت | مكتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچی |

## هي رسالو پڙهي ٻين کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جا شايع ڪيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو. گراهڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو. اخبار جي هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو.

